ٿيھہ پئسي ويھہ ڪونہ پيا وڪامن! ڪيترو دکہ آهي. ڪيترو دکہ آهي... ممي چوندي آهينہبي چيوبہار مئو پلو.. مانبہبي چئي ٿيس... مري وڃان تہ خوش ٿج..."

# طلاق کان طلاق تائين

"ڏنو ڏنو !هي ڇا هي ڇا هي" چوندي گرڏاريءَ اچي ڏنوءِ کي چوٽيءَ کان جهلي، هٿ جي اشاري طرف سندس منهن ڦيرايو.

ڏنوءَ چيو، "ڇڏ نہ مئا، چوٽي ڇو ٿو پٽين؟"

"مان چوان ٿو رتنيءَ ۾ شون کي تو ماڙي تي ڇو موڪليو آهي؟"

"رتنيءَ چيو مونکي شون سان اڪيلائي ۾ ڪجهہ ڳالهائڻو آهي."

"پر ڪلهہ اپسرا توکي چوي، مونکي هڪ پوٽ سان ڳالهائڻو آهي تہ تون ڇا ماڙي کولي ڏيندينءَ؟"

"سمجهين ٿو، اول ڇا وينو ڳالهائين؟"

"پهرين تو سمجهو آهي تہ تو ڇا ڪيو آهي؟ شون سان دوستي تنهنجي آهي نہ؟"

"جي مونسان سندس سچي دوستي هئي تہ پوءِ قبول ڇو ڪيائين تہ مان رتنيءَ سان ڳالهائيندس؟"

"تنهنجو مطلب آهي تہ نو وئڪنسيبورڊ لٽڪائي ڦري ها؟"

"ڇڏ مونکي گرڏاري، مان اڳيئي خفي ويٺي آهيان."

"گهر کيبباهہ لڳلئي، هاڻي خفي آهين! ڏن آهين، ماتا ڏن آهين."

"مارينديسانءِ مئا، وري جي مونکي ماتا چيو اٿيئي تہ ناهي ناهي ٿيھہ پادر هٽندي سانءِ تنهنجي نوڙهہ تي."

"ڏنو، تو ميٺ ڪٿورو پاتو، پر فينسٽائي ڇا چيز ٿيندي آهي، انجو پتو ڪونہ

پيئي."

ڏنوءَ پنهنجا وار پٽي چيو. "مئا هان وٺ پاڻ کي ماريان؟ کهڙي فينسٽڪئي منهنجي هلندي؟ جڏهن شون چئي چڪو آهي ته تنهنجي عمر مونکان چار سال وڏي آهي ته ڇا انکانپوءِبه ڪيس ٻڌي رکي سگهان ٿي؟"

"اڙي انهيءَ ٿوپڻ کيٻڌ نٻڌ هوءَبخمل ۾ ويڙهي رکڻ جهڙي گڏي چو ٿي مٿس نڇاور ڪرين؟"

"وڄ ڇريا. گڏيءَ پاٽيهي اڇي گڏ وڳولهيو آهي ته مان ڇا ٿي ڪري سگهان؟"

"گڏو نه. ٿوپڻ چئه. ڳوليو اٿس."

"تون حد آهين گرڏاري. مونکي چوين ٿو ٿوپڻ کي هٽن مان ڇو ٿي وڇايان ۽ رتنيءَ لاءِ شون توکي ٿوپڻ ٿو لڳي."

"اڙي ڏنو ڇري! رتني رتني آهي رتني ڏنو ناهي."

"ها پلئي رتني تولاءِ گڏي آهي ۽ ڏنو هڪڙي ٿوپٽي آهي ڇو جو پيڻ اٿيئي نه."

"اڙيٻلبا توکي ڪيئن سمجهايان...."

هفتي کن کانپوءِ گرڏاريءَ ڏنو رتنيءَ سندس پيڻ ڏنوءَ جي گود ۾ منهن وجهو ويٺي روئي. ان مهل ته اتي ڪين ترسيو پر ڪاليج مان موٽيو ته سڌو ويو ڏنوءَ جي ڪمري ۾. چي.ٻڌاءِ اڄ رتنيءَ رنو ڇو پئي؟"

ڏنوءَ اکيون ڦاڙي چيو. "هي ته عجيب مهاڀارت آهيٻلبا! اجا ڪو شنڪبه ڪونه وڄيو آهي ته لڙائي شروع ٿي ويئي آهي."

"مطلب؟"

"شون چويس ٿو: اسين شادي ڪنداسين سول مئريج. يعني شادي جنهن ۾ پاڻ منجهه نه نهي سگهن تي طلاقبه ڏيئي سگهون."

"ها. اها ته سني ڳالهه آهي؟"

"ڇريو آهين گرڏاري! سوچ ته سهين. هيءَ گڏي آهي ڪهڙي گهر جيٻلڪل جهوني زماني جي ڇوڪري."

"ڇا پئي چوين ڏنو! جيڪا ڇوڪري پاڻ پنهنجو مڙس ڳولهڻ نڪتي آهي؟.."

”اڙي ٻلبا تون ڪجھ ڪين سمجھندين. ڇوڪري مڙس ڳولڻ ڪانھ نڪتي آهي، شون جو ڪوئي ليکڪ پڙهيو اٿس، جنهن ۾ شون لکيو هو تہ ٺئين زماني جي ڇوڪرن کي گهرجي ڇوڪرين کي پاڻ جهڙو سمجهن ۽ اسرڻ تي جهوني زماني جي مردن وانگر ٻندشون نہ وجهن..“

”اڙي انهيءَ ڪري هيءَ گوري هلي آهي شونجي جي دواري؟... پر مونکي تہ عجب ٿو لڳي تہ هن ٻخمل جي گڏي کي ڪهڙو اسرڻ جو وجھ ڪپي؟“

”اڙي ٻلبا هن کي آهي ڳڻڻ جو شونق..“

”اڇا اڇا پر هن شون جي مڙهيءَ ۾ ڳڻٽو تہ نہ، جهولٽو سو پوندس..“

”گرڌاري تون شل ڪنهن لاءِ ڏڪار ڌارڻ نہ شروع ڪرين ٻس انجي هر ڳالھ جي ڪل اٿڻيندين. شون کي توئي گهٽين ۾ ڳڻيندو ڏنو آهي.“

”ڇڏ ڏنو، انکي تون ڇا ڳڻڻ تي سمجهين؟ اهو ڦاٽڻ چئہ، واڪا ڪرڻ چئہ، نعرا هڻڻ چئہ. مهرباني ڪري انکي ڳڻڻ جو شرف نہ ڏي..“

”ڇگو ڇگو تون ٻس ٺئين چوندين. هڪڙ مزيدار ڳالھ ٻڌايانءِ؟“

”هون..“

”رتنيءَ کي جڏهن ٻڌايم تہ شون گهٽين ٻازارين ۾ ٻهي ڳڻيندو آهي تہ چوڻ لڳي تمام سٺي ڳالھ آهي، تانسين اگر غريب ٻستيءَ ۾ وڃي سر سينگار رچئي تہ تانسين جي شاهاڻي دل کي ساراهڻ ڪانسواءِ رهي ڪونہ سگهبو.“

”تنهنجو مطلب، پاٽي انهيءَ ڪري تئين چڙهي چڪو آهي!“

”توکي چيم جو رتنيءَ آهيئي اهڙي سياءَ جي جو رڳو ثوابئي ثواب ڏسڻ ۾ ايندو اٿس عيب ڏسڻ جي شايد قوتئي ڪين اٿس..“

گرڌاريءَ دل ۾ سوچيو يا تہ رتني سچ پچ ٻلڪلئي ٻيوقوف آهي يا ڏنو حسد وچان کيس اهو لقب ڏنو آهي. کيس رتنيءَ جي اڄ واري هلت سان پهرين ڳالھ وڌيڪ نهڪندي نظر ٺئي نہ تہ سول ٺريج تہ عورت لاءِ آزاديءَ جو پروانو آهي، اها ڳالھ نہ سمجهي سگهڻ واري ڇوڪري واقعي ٻيوقوف هوندي..“

”خير ڇگوئي ٿيو.“ چئي گرڌاري هٿ ڇندي اٿي کڙو ٿيو.

”چگو وري ڇا ٿيو... هوءَ ڪلهه ڪان وني ٻس روئي ٿي روئي پيئي ڇي: جڏهن مڃيءَ کي ڪنڌي اٽڪي پوندي آهي ڳچيءَ ۾ ٻڌيس آهي منهنجي حالت. جنهنکي هڪ پيرو من ۾ پنهجو مڃي ٿو ويهجي انکان طلاق ملڻ جو ڪيئن سوچي سگهبو.“

”چري آهي تنهن ساهيڙي چري، ههڙي مڇليءَ کي شون ته ڇا دنيا جو هرڪو ڇوڪرو پسند ڪندو.“

ٻئي ڏينهن تي جڏهن هيڏيون هيڏيون سڄيل اکيون کڻي رتني ڌنو وٽ آئي تڏهن ڌنوءَ يڪدم پاءُ واري ڳالهه ٻولهه ويهي ٻڌايس. گرڌاريءَ جي پڇاڙيءَ جي سٽ ته، ”ههڙي ڇوڪريءَ کي شون ته ڇا هرڪو ڇوڪرو پسند ڪندو.“

رتني کي اها ڏاڍي آٿت واري لڳي پر وري ٻه ڇيائين: ”ڌنو ديدي تون شون کي مڃاءِ ته مونسان طلاق واري شادي...“ ٻس اچي سڏڪن ۾ ڇٽڪي.

ڪئين سال گذري ويا شون ۽ رتني جي شاديءَ کي... ڌنو ٻه ان وچ ۾ هڪ ولايت واري ملڪ سان شادي ڪري ٻاهر هلي ويئي.

هڪ ڏينهن، ڌنو ڏاڍي شان مان سان هڪ وڏي ناٿيه گهر ۾ ناٽڪ ڪارن کي انعام ڏيئي رهي هئي، جو سندس نظر وچي هڪ وڏيءَ عمر جي وڏوا تي پيئي. هوءَ انهيءَ ناٽڪ جي ڊائريڪٽر هئي. ڌنوءَ کان ڇرڪ نڪري ويو ڇيائين، ”رتني تون؟...“

رتني اکيون مٿي کنيون ۽ ڌنوءَ کي گلي ۾ ٻانهن کڻي ورايائين. ۽ ڌنو جڏهن انعام وراهي واندي ٿي تڏهن سڏي گرين روم ڏي هلي ويئي.

”اڙي رتني!...“

رتنيءَ هاڻي ٻنهي ٻانهن سان سکيءَ کي ياکر پاتو.

”ڇا ٿيو شون کي؟ ڪيئن گذاري ويو ايترو جلد؟“ ڌنو رتني جي ڪن وٽ پڇڪيو.

رتنيءَ فقط ڪنڌ سان نه نه ڪئي، سندس اکيون پرجي آيون.

ٻئي ڏينهن ڌنو، پنهنجي شاندار هوٽل ۾ هن ناٽڪ جي ڊائريڪٽرياڻيءَ کي

دعوت ڏني.

رتني هوٽل ۾ ملڻي ته سندس ويس بلڪل ئي بدليل هو. ڪٿ ئيندي پيئندي ڏنو، رتنيءَ کان ڪئين سوال پڇندي ويئي.

شون جي موت بدران سندس زنده هجڻ جي خبر ٻڌي ڏنو جا ڏند چپن سان لڳي ويا، "ته ڇا لاءِ تو ڪيو آهي وڌوا جو ويس؟"

"بس..." اکين ۾ چلڪندڙ آنسون ڪلي رهيا هئا يا روئي رهيا هئا، چوڻ ڏاڍو ڏکيو هو.

"شون کي مان وڌيس ئي ڪين. منهنجي ڪا به ڳالهه سني نه لڳس. منهنجي گلئن ڪلا تي به بندش وجهي ڇڏي هئين."

"پر ساري زندگي ته ڪوئي گلئن ڪلا ڪونه ويهي ڏيکاريندو؟"

رتنيءَ جون اکيون ڏنو جي منهن تي هيون، ڏنوءَ کي لڳو انهن اکين اندر هڪ سرءُ جي رت وارو طوفان ڪڙو آهي. جنهن ۾ زندگي جا سڪل ڪک پن، اڏي... نه... رڙهي رهيا آهن.

"سمجهيم تو شون سان شادي ئي انڪري ڪئي هئي جو هن جو ليک پڙهيو هوءِ ته هو توکي پنهنجي ڪلا جو وڪاس ڪرڻ ڏيندو."

"مگر ڪوئي سندس سنگت ۾ رهي پنهنجو وڪاس ڪري سگهي ٿو، انهيءَ ويچار جي گهمنڊ ڪيس ستائي ڇڏيو. جيڪي به گلئن ديا جا ڪلاونت منهنجي سنگت ۾ ايندا هئا، انهن لاءِ ڪيس شڪ ٿيندو هو ته هو مونکي ڏاڍو چاهين ٿا..."

"پر رتني! تون آهين ئي چاهڻ جهڙي. هيڏيءَ عمر ۾ به تنهنجي ڪاڏيءَ جي ڪڏ ۾ ڪلڻ مهل ڳلن ۾ ڪڏڙيون ڏاڍيون وڻن پيئون."

"شون جي پالنا اهڙي ٿيل هئي جو هنجي ڪڏهن منهنجي سونهن تي ته نظر ڪانه ويئي پر ٻين جي نظر تي به ساڙ ٿي ڪاٽلئين."

"مگر رتني اهي ننڍيون وڏيون ڳالهيون ته هر ناريءَ جي زندگيءَ ۾ پيئون اچن، ان جي ڪري تون شون ڪان ڌار رهين ۽ وڌوا جو ويس ڪرين مونکي ته ڳالهه ڏاڍي ڏک ڏيندڙ ٿي لڳي. منهنجي گهوٽ لکين رپيا ڇڏيا آهن مون لاءِ، پر سندس

سرڳواس ٿيڻ کانپوءِ ڪيتري اڪيلي ٿي پيئي آهيان توکي سمجهائي نٿي سگهان.“

”اڙي ديدي!“ رتني اکين ۾ آنسون ڀري ڏنو جا آنسو اگهڻ شروع ڪيا.

”ڇا منهنجي اڪيلائي مونکي تنهنجي اڪيلائيءَ جو احساس نہ ڪرائي سگهندي هوندي؟“

ٻنهيءَ ڀائنهن کان رتنيءَ کي جهلي ڏنوءَ اوچنگار ڏيئي چيو. ”پوءِ ڇو ڇڏي ملئي آهين شون کي؟“

”اوهہ! ڪاش ڪوئي مونکي سمجهي سگهي. منهنجي ملائم طبعيت، منهنجو سيني سان قربائتو وهنوار، پيد ياو کان پري من جو آنند. سڀ هن لاءِ ڪندابڻجي پيا. مٿ ملئٽ منهنجي همدرد سياءَ ڪري ويجهو اچڻ لڳا تہ شون کان سٺو نہ ويو.“

”سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي اهڙي خيالات ڪيئن اچي ويئي شون وٽ؟ منهنجو ياءُ... منهنجو گرڌاري تہ شروع کان هن شاديءَ جي خلاف هو. هن نيڪئي پرکيو هو. توهان لاءِ چوندو هو اتر ۾ ڏکڻٻہ ڪڏهن مليا آهن... مان چوندي هئس سچو پيار ۾ پتي پڳتي آهي ڪنهن چوڪري جي اندر. تہ شو پاروتيءَ وانگر ميل ڪلئي رهندا...“

”مگر گرڌاري هاڻي ڪٿي آهي؟“

”گرڌاري؟“ ڳوڙها اگهي ڏنو مٿي آڱر ڪنئين، سرڳہ ۾ آهي. گرڌاريءَ کي زال اهڙي روڏ مليس جو ڪلئڻ، پيئڻ ۽ جيئڻ حرام ڪري ڇڏيلئينس. ڏاڍي وڏي ۽ چڙواڳہ خاندان جي چوڪري هئي، سجو ڏينهن سگريٽ لاهي سگريٽ چاڙهي، هتان قرض هتان قرضٻاهر جون ٽرپون هٽي، خوب فارين جا مال وٺي ايندي هئي، پر گرڌاري خود ليئرپورٽ تي سمگلرن مٿان نظر رکڻ جي عهدي تي هو ۽ خود سندس زال هڪ ڏينهن پڪڙجي پيئي. گرڌاريءَ جي عزتي سهاري نہ سگهيو ان مهلئي وجي ليئر پورٽ جيٻلڊنگہ مان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪري ڇڏيلئين...“

”اوهہ...“ ساهہ پڪڙيٻڌندڙ رتني جي زبان مان نڪري ويو. ”ڪاش طلاق

ڏيئي ڇڏي ها اهڙيءَ زال کي!“

”طلاق؟“ ڪلي ڇيو ڏنو. ”تونئي هئيئن نہ رتني! جنهن ڪنهن ڏينهن منهنجي گود ۾ منهن وجهي اڇي رنو هو تہ شون ڪي سمجهائيس تہ ”سول مئريج“ نہ ، ”هندو شادي ڪري مونسان. مونکي طلاق جي نالي کان نفرت آهي.“

اڄ رتنيءَ جو ڪنڌ هيٺ هو. آهستي چيائين. ”آپگهات کانپوءِ لاءِ مونکي طلاق وٺي ڇڏيو آهي...“

پڦيءَ جي هن ڳالهہ تي سڀ ٺهڪ ڏيئي کليا هئاسين. مگر اڄ جڏهن ڪنجهي جهڙي ڪل واري مينو نہ رهي آهي تہ مونکي اهي يادگيريون تيزاب وانگر پيئون ساڙين. 19 سالن جي نوڪريءَ اسانجي گهر ۾ الاجي ڪهڙيون ڪهڙيون فلمون ڏٺيون هونديون. وڃڻ جي ڳالهہ تہ نوڪر اجا جيئرو هو منهنجي دل تانئي نٿي لٿي.

رات جو ڪيڏي دير تائين مونکي ننڊئي نہ پئي ملئي، اٿي اڇيءَ بالڪنيءَ ۾ ويٺيس. گهر جا اٺئي ڪمرا اڄ سنسان پيا هئا. اڳي تہ هن مهل تائين هن گهر ۾ ڏينهن هوندو هو. اٺئي ڪمرا جهاڙن ۽ بلبن جي روشنيءَ سان، دوستن ۽ ساهيڙين جي ناچ ٽاپ ۽ انگريزي ڌنن سان پيا وڄندا هئا، اجا ڪمبلباجن پر وارو هڪيوءَ فلئٽ خريد ڪرڻ لاءِ رقم ادا ڪري ڇڏي هئي... پاڙي وارا اسانکي ڀاڳيشالي سمجهندا هئا... مگر مينوءَ جي خون ٿي وڃڻ تي تہ ڪاري چادر وچڪجي ويئي هئي هر چيز مٿان. پاڙي وارا هاڻي اسان لاءِ ڇا سوچيندا هوندا، سو تہ خدا ڄاڻي، ليڪن مٿن ملئٽن تہ حد ڪري ڇڏي هئي. جيترا هئا مکہ اوتريون ڳالهيون هيون. ورڻ پڦيءَ جيڪاڪار سينيءَ ٽي هئي جنهن رڙيون ڪري ڇاتي پٽي پٽي پئي چيو، "منهنجي ڪونجڙيءَ موت قبوليو پر عزت نہ وڃائيئين" هن قسم جون ڳالهيون ڳٽي ڳٽي مان ڏاڍيءَ بيزار ٿي پيئي هئس بالڪنيءَ ۾ ويٺي مونکي تارن ڀريو آسمان اوتروئي ڀري ٿي لڳو جيترا هي تيرهن ماڙ هيٺ ڌرتي تي. اوچتو ڪوئي پکي ڇهہ ڇهہ ڪندو آڪاس ڏي اڏامي ويو.

هيڏيءَ رات گذرئي مينوءَ وانگر هيءَ ولر کان وڇڙيل پکيءَ جي اڏام! اف هيءُ منهنجو وياڪل من! ڪهڙي آڪاس تي ڳولي پنهنجي ڪونجڙيءَ کي....